

گيت
(بارن لاءِ شاعري)
گلڙن لاءِ
استاد گل دايو

گيت گلڙن لاءِ

(پارن لاءِ شاعري)

استاد گل دايو

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري
2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	گيت گلڙن لاءِ
شاعر:	استاد گل دايو
صنف:	ٻارڙن لاءِ شاعري
ڇاپو:	پهريون
تعداد:	1000
ڇاپي جو سال:	2020ع
ڪمپوزنگ:	علي پناڻ
ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ:	مصور منگي 03053845227
ڇپائيندڙ:	سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري
قيمت:	120 روپيه
ڪتاب نمبر:	58
ڊجيٽل ايڊيشن:	2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

books.sindhsalamat.com

لکپڑھ لاء

عيسي ميمڻ

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري

03337555986

استاد گل دايو

03103602597

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ

(سنڌ سلامت ڊات ڪام) ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو



اڀنا

پنهنجي معصوم ڏوهٽن
محمد مصعب جوڪيو
عبدالبصير (برهان علي) جوڪيو
ءِ
اولاد وانگر نپايل حاجي عبدالمجيد دايو جي ٻارڙن،
عبدالمصور دايو،
نمرا مجيد دايو ءِ ردا مجيد دايو کي،
جن کي ٻانهن تي سمهاري
کهاڻيون ءِ گيت ٻڌايا ءِ سندن ٻاتڙين ٻولين سان
ڏات جي جيڪا ديوي لڌي، انهيءَگيت ءِ بيتن لکڻ لاءِ اتساهيو.



استاد گل دايو

سنڌ سلامت پارڻ:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"گيت گلڙن لاءِ"** اوهان اڳيان حاضر آهي. پارڙن لاءِ لکيل شاعريءَ جي هن ڪتاب جو تخليقڪار **استاد گل دايو** آهي.

استاد گل دايو هڪ املهه ڪردار آهي. جنهن سموري ڄمار پارن لاءِ لکڻ ۾ انهن جي تربيت ۾ گذاريو آهي. "گيت گلڙن لاءِ" ۾ موجود هر نظم ۾ پارن جي دلچسپي ۽ سکيا لاءِ سمورو سامان سانديل آهي. پار هنن نظمن کي پڙهي ۽ ٻڌي خوش ۽ گد گد ٻه ٽيندا ته وري انهن نظمن ۾ سمايل پيغام تي عمل ڪري شائستگي، اخلاق جي بلندي ۽ علم جي واڌاري واري راهه تي ٻه گامزن ٽيندا. هن ڪتاب جي هر نظم ۾ پنهنجو مخصوص مزو ۽ لطف موجود آهي جيڪو پارن کي گهڻو پسند ايندو.

هي ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

اداري پاران	عيسي ميمڻ	07
تعارف	علي حسنين ميمڻ	08
مهاڳ	مختيار سمون	10
پنهنجي پاران	استاد گل دايو	15
شاعري		17

اداري پاران:

رابندر ناٿ ٽئگور لکيو هو ته "جيستائين هن ڌرتيءَ تي ٻار پيدا ٿين ٿا تيستائين اهو سمجهڻ گهرجي ته خدا اڃان انسان مان مايوس نه ٿيو آهي". ان چوڻ ۾ ڪو به وڏاءُ نه آهي ته ٻار هن ڪائنات جي سونهن ۽ مستقبل جي ضمانت آهن. هر سماج ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جو سلسلو ان جي پيدا ٿيڻ سان ئي شروع ٿي ويندو آهي. ٻارن جي پرورش ڪرڻ بي حد ڪٺن ڪم به آهي. اسان جي سماج ۾ ٻارن جي تربيت پهرين ماءُ جي گود ۾ ٿئي ٿي، ان کان پوءِ گهر، پاڙو، شهر ۽ اسڪول ئي تربيت جا وڏا گهر آهن. جيتري ٻارن جي تربيت بهتر ٿيندي سماج جي ترقي به اوتري ئي بهتر ۽ تيزي سان ٿيندي. ٻارن لاءِ لکيل ادب جو بنيادي ڪارج به ٻارن جي نشونما ڪرڻ ئي آهي. سنڌي ادب ان ڏس ۾ ماضيءَ جي هڪ تاريخ رکي ٿو .

موجوده وقت ۾ جديد ٽيڪنالوجي جي دوڙ ۾ ٻارن جي تربيت جا بنيادي ادارا خود زوال جو شڪار آهن پر اڃان ڪي "ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي" آهن جيڪي ٻارن جي تربيت ۽ ان جي نشونما لاءِ ٻارن لاءِ اڄ به لکي رهيا آهن استاد گل دايو اهڙو ئي املهه ڪردار آهي. جنهن سموري ڄمار ٻارن لاءِ لکڻ ۽ انهن جي تربيت ۾ گذاريو آهي. استاد گل دايي هڪ استاد کان وڌي هڪ اديب ۽ شاعر تائين، هڪ ادبي ورڪر کان وڌي سماجي خدمتن تائين جيڪو نور نچويو آهي. اهو خود هڪ الڳ تاريخ آهي. جيترو استاد گل دايي جيڪي خدمتن ڪيون آهن. ان کي اڃان اوتري مڃتا نه ملي سگهي آهي. پر يقينن تاريخ استاد گل جي پورهيي کي ڪڏهن به ضايع ٿيڻ نه ڏيندي. سندس هي ڪتاب "گيت گلڙن لاءِ" استاد گل کي محبتن جي هڪ ڀيٽا آهي. سندس هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ پاران شايع ڪرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. اميد ته اوهان طرفان مثبت موٽ ملندي .

عيسي ميمڻ
چيئرمين
سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري.

تعارف:

منهنجو بابا سائين

منهنجو پنهنجو بابا تہ عرصي کان راهہ رباني وٺي وڃي ابدي ننڊ ستو آهي پر بابا جي وڇوڙي کان پوءِ مون کي هڪ اهڙو شخص ملیو جنهن کي استاد گل دايو جي نالي سان سڃي سنڊ سڃاڻي ٿي. هن شخص مون کي ٻاروتڻ کان جوانيءَ تائين ڪڏهن ۽ ڪنهن بہ مهل ايئن محسوس ٿيڻ نہ ڏنو آهي تہ مان ڪو سندس ويڳو آهيان. بابا جون نياڻيون (منهنجون پينر) ۽ بابا جا ڪجهہ ٻيا عزيز ڪيس "بابا سائين" ڪري مخاطب ٿيندا آهن. پلي ڪيس ڪو پيٽ ڄائو پٽاڻو اولاد ڪونهي پر مان جڏهن ڪيس "بابا سائين" چئي مخاطب ٿيندو آهيان تہ سندس چهرو ٻهڪي پوندو آهي.

بابا سائين، سنڊ جو هڪ پڙهيو لکيو باشعور ۽ انسان دوست شخص آهي. بابا جو جنم 21 سيپٽمبر 1960ع تعليم ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ اٽس. هي هڪ ئي وقت استاد، اديب، شاعر، اسڪائوٽ ليڈر، ريڊيو ڪمپيئر، ڪرڪيٽ ڪمينٽريٽر، ڪرڪيٽر ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جو ڪوالیفائيڊ امپائر آهي.

بابا سائين تازوئي ڊسمبر 2019ع ۾ اسڪائوٽنگ ۾ پوسٽ گريجوئيشن (ALT) اسسٽنٽ ليڈر ٽرينر جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

بابا سائين سال 1974ع کان ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون ۽ شاعري لکي ادبي سفر جي شروعات ڪئي. هن گل محمد "گل" دايو، گل محمد جوکيو، استاد گل محمد دايو ۽ استاد گل دايو جي نالن سان ڪهاڻيون، گيت، غزل، وايون، ڪالم، ڪهاڻي ڪالم، ڪتابن تي تبصرا ۽ سوين علمي ادبي پروگرامن جي رپورٽنگ ڪئي آهي. بابا جي لکڻ ۾ تسلسل نہ رهيو آهي. چاڪاڻ تہ هي زندگيءَ جو گهڻو عرصو غربت سان جنگ لڙندو رهيو آهي.

گيت گلڙن لاءِ : استاد گل دايو

بابا سائين تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ سال 1980ع کان سرڪاري نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. آخرڪار غربت جڏهن ناسور بڻجي پيس ته هن مجبور ٿي 27 سال نوڪري ڪري سال 2006ع ۾ رضاڪارانه رٽائرمينٽ حاصل ڪئي. جڏهن پرائمري استاد هو، تڏهن هو پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف جو سرگرم عهديدار ۽ ميمبر هو ۽ ادبي طور بابا 1980ع کان سنڌي ادبي سنگت سان سلهاڙيل آهي. جيتوڻيڪ بابا سان ادبي سنگت ۾ زيادتيون ٻه ٽيون جنهن سبب ڪافي عرصو سنڌي ادبي سنگت کان پاسيرو رهيو مگر هڪ دفعو ٻيهر سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جو سرگرم ترين عهديدار آهي.

بابا سائين رٽائرمينٽ کان پوءِ ٻه خاموش ٽي گهر ۾ ڪو نه وينو پر هن ڪجهه سال SEF جي اسڪولن ۾ پرنسيپال جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ هن وقت هڪ خانگي اداري گلوبل سائنس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيوآهي. بابا سائين طبيعت ۾ مانيٽو سنجيده، خوش مزاج ۽ خوش اخلاق رهيو آهي. بابا سائين ٻارڙن سان ڏاڍي محبت ڪندو آهي. هي اڄ ٻه جڏهن ڪم ڪار کان واندو ٽي گهر ايندو آهي ته رات جي وقت پنهنجي پيءُ ماءُ سميت ساٽس گڏ رهندڙ ٽن سالن جي ڏوهٽي مصعب علي کي ٻاراٽيون ڪهاٽيون، بيت، گيت ٻڌائيندو آهي. اهو ڏسي منهنجي ٻه دل چوندي آهي ته جيڪر مان ٻه هڪ دفعو وري ٻار بڻجي وڃان ۽ اڳ جيان بابا جي ٻانهن تي سمهي منڍا منڍا گيت ۽ بيت ٻڌان!!



علي حسنين ميمڻ/لاڙڪاڻو

مهاڳ:

پارن جو روح ريجهائيندڙ شاعري

سنڌي بولي ۾ پارڙن لاءِ ادب تخليق ڪرڻ جو رجحان اهڙي ترقي ڪري نہ سگهيو آهي جنهن طرح يورپ، آمريڪا ۽ ايشيا جي ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ نظر اچي ٿو. انهن ملڪن ۾ پارن جي ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن جي ڪارڪردگيءَ سميت پارن لاءِ ادب جي ترقي لاءِ جوڙيل سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جو ڪردار ۽ ڪم بہ اهم آهي. اسان وٽ پاراٽي ادب کي ترقي ونرائڻ واري حوالي سان سرڪار يا ان جي سهڪار سان قائم کي خاص ادارا موجود ڪونهن. کي ٿوري تعداد ۾ اهڙا قابل تعريف اديب ۽ شاعر ضرور آهن جيڪي پارن جي ادب جي اهميت جي مدنظر نہ رکو انهن لاءِ ادب تخليق ڪندا رهن ٿا پر پنهنجي هڙئون وڙئون خرچ ڪري اهو ادبي مواد ڪتابي صورت ۾ ڇپرائيندا بہ رهن ٿا تہ پارن تائين پهچائڻ جي ڪوشش بہ ڪندا رهن ٿا، استاد گل دايو بہ اهڙن ئي قدر لائق باشعور ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. هو وڏي عرصي کان پارن جي علمي ۽ ادبي اوسر لاءِ پنهنجو متحرڪ ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

استاد گل 1974ع ۾ قلم ۽ قرطاس ساڻ ڪري ادبي دنيا ۾ تڏهن داخل ٿيو هيو جڏهن پاڻ بہ اجا چوڏهن سالن جو پار ئي هيو ۽ پارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ شاعري لکندو هيو، پر هاڻي جڏهن هو سٺ سالن جي عمر کي پهتو آهي تڏهن بہ پارن لاءِ لکڻ کو نہ ڇڏيو اٽائين جيڪا ڳالهہ سنڌ جي نئين نسل سان سندس محبت، شفقت ۽ ڪمٽمنٽ واري جذبي کي ظاهر ڪري ٿي. استاد گل تمام گهٽو لکندڙ نثر نويس ۽ شاعر هجڻ سان گڏ اسٽيج، تنظيم ڪاري ۽ ميڙ ۽ ميڙاکن ۾ متحرڪ رهندڙ شخص بہ آهي. هن نہ رڳو ادب تخليق ڪيو آهي ۽ ان جي تقريبن هر صنف تي طبع آزمائي

ڪئي آهي پر هو عملي طور تي علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي ميڙاڪن جو منتظم، اسٽيج ۽ ريڊيو جو ڪمپئير ۽ اسڪائوٽس گروپ جو ليڊر ۽ آهي ته بي لوث رضاڪار طور تي عام پلائي لاءِ پنهنجون خدمتون ۽ سرانجام ڏئي رهيو آهي. وٽس لکڻ لاءِ دنيا جهان جا هزارين موضوع موجود آهن جن مان هن ڪيترن تي نثر ۽ شاعري جي صورت ۾ لکيو آهي پر ٻارن لاءِ لکڻ سندس وڏي وٽ آهي، چاکاڻ ته هو اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ هڪ سنو ۽ قابل استاد ۽ آهي، هو ٻارن جي نفسيات، سندن سماجي، تعليمي ۽ تربيتي گهرجن کي سڻي نموني سمجهي ٿو. هو اها ڳالهه ۽ بخوبي ڄاڻي ٿو ته تعليم سان گڏ تربيت ۽ لازمي آهي جيڪا ٻار جي شخصيت سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ادب ۽ آرٽ زندگيءَ جا ترجمان هجڻ سان گڏ بهترين تربيت جو پراثر ذريعو ۽ آهن. جيڪڏهن ٻار کي رسمي تعليم سان گڏ ادب ۽ آرٽ سان ۽ متعارف ڪرائبو ته هو مستقبل ۾ معاشري جي سڻي سمجهه ۽ ادراڪ رکندڙ باشعور شهري بڻجي سماج جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو مثبت ۽ پرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ادب آرٽ ۽ ڪرافٽ ٻارن جي تخليقي صلاحيتن کي ايارڻ، انهن ۾ مشاهدي جي قوت کي جلا بخشڻ ۽ زندگيءَ جي نازڪ نفيس ۽ پيچيده پهلوئن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.

استاد گل دايو ٻارن جي تعليم لاءِ رڳو تعليمي ادارن ۾ وڃي اتي ڪلاس روم ۾ پڙهائي پنهنجو ڪردار ادا نه ٿو ڪري پر اسڪول کان ٻاهر ۽ سندن تعليم، تدريس ۽ تربيت جا ذريعا تخليق ڪندو رهي ٿو. ٻارن لاءِ سندس شاعري ۽ اهڙن ذريعن مان هڪ آهي. درسي ڪتابن ۾ نثري سبقن سان گڏ نظم جي صورت ۾ شامل سبق ۽ شاعري جي تدريسي پهلو جو واضع ثبوت آهن، بلڪ ڪن حالتن ۾ ته نثر کان وڌيڪ شاعري ٻارن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿي ۽ سندن ذهني پختگي، يادگيري واري قوت ۽ تصوراتي سگهه کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ان حوالي سان استاد گل جو ٻارن لاءِ هي شعري مجموعو "گيت گلڙن لاءِ" ۽ قابل ذڪر آهي .

"گيت گلڙن لاءِ" ۾ موجود هر نظم ۾ ٻارن جي دلچسپي ۽ سکيا لاءِ سمورو سامان سانديل آهي. ٻار هنن نظمن کي پڙهي ۽ ٻڌي خوش ۽ گد گد ٻه ٿيندا ته وري انهن نظمن ۾ سمايل پيغام تي عمل ڪري شائستگي، اخلاق جي بلندي ۽ علم جي واڌاري واري راهه تي ٻه گامزن ٿيندا. هن ڪتاب جي هر نظم ۾ پنهنجو مخصوص مزو ۽ لطف موجود آهي جيڪو ٻارن کي گهڻو پسند ايندو. هونئن ٻه فطري طور تي ٻار مزي جا متلاشي هوندا آهن. تربيتيافته ۽ تجربيڪار استادن جو ٻه اهو ئي چوڻ آهي ته راند روند واري طريقي ۽ مزيدار سرگرمين ذريعي ٻار جي جاڻ ۾ ٻه اضافو ڪري سگهجي ٿو ته سندن ٻي پراثر ۽ معياري سکيا ٻه ڪري سگهجي ٿي. اسان کي اهڙو ئي تاثر "چنگچي" جي عنوان واري نظم مان ٻه ملي ٿو جنهن جا ٻه بند هينئين طرح آهن .

چائنا چنـــگچي ناهي آهي،
سستو ٿي هر هنڌ پهچائي.
چين جي هيءَ ايجاد ڏسي،
پوءِ پاڪـستان بٹائي آهي.

چنگچيءَ متعلق ان نظم ۾ ٻارن کي هن دور جي سستي سواري ۽ ان جي ايجاد ڪندڙ ملڪ چين بابت آگاهي ڏني وئي آهي ۽ اهو ٻه ٻڌايو ويو آهي ته هاڻي اسان جو ملڪ پاڪستان ٻه اها سواري ناهي رهيو آهي. ان نوعيت جا نظم ٻار جي مزي واري گهرج ۽ جاڻ ۾ ٻه اضافو ڪن ٿا.

پاڻيءَ جي اهميت ۽ انساني صحت لاءِ صاف ستري پاڻي جي ضرورت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ استاد گل جو هي خوبصورت نظم ڏسو:

پيـو پيـو اي ٻـارو پـاڻي،
اوٻـاري ۽ چـاڻـي پـاڻـي.
پاڻـي هر هنڌ پاڪ نه آهي،
سـارو پـاڻي صاف نه آهي.
هـن ۾ هــن زهـريلا مادا،
ٻڪٽيريا اچـلايـل ڪاڌا.
پـوءِ پئـيـو پل ٻارو پاڻي،

اوبـاري ۽ چـــاٽي پـاٽـــي.

اهڙا ٻيا ٻـ ڪيترا ئي نظم آهن جيڪي ٻار جي دلچسپي واري خيال سان گڏ سندن ڄاڻ ۾ اضافي جي مقصد لاءِ ٻـ لکيا ويا آهن، جن ۾ "آبي بخار"، "چقمق"، "ڪمپيوٽر"، "انٽرنيٽ"، "ٻوٽا"، "شاھ لطيف جو پڙھون رسالو"، ۽ "ڏرتي ۽ سج" وغيره قابل ذڪر آهن.

ٻيا نظم ٻـ اهڙا ٽـ مزيدار ۽ ٻارن جي مزاح واري حس کي ڇهندڙ ثابت ٿيندا جو هو انهن کي زور سان پڙهي پڙهي نـ رڳو پاڻ کي وندرائيندا پر پنهنجي آس پاس موجود ٻين ٻارن يا وڏن کي ٻـ انهن مان حض حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيندا. مثال طور ڪجھ نظمن مان چونڊيل هيٺ ڏنل بندن کي پڙهو:

با با مون کي ٻ ٻيٽ و ڻي ڏي،
ڪرڪ ٻيٽ واري ھ ٻيٽ وڻي ڏي.

.....

آ ئي آ ئي گر مي آ ئي،
ٻارن آ هي نوڙ ھ ڪرا ئي.
ڪڻ چاچي کان ڪن مامي کان
حجم کان ڪن پاڪي گھمرائي

.....

نا لو م ن ھ ن جو م ڇر خان
د ن يا ۾ آ ھ يان بد نام
جنھن تنھن کي مان چڪ ٿو پا يان
ڪن ۾ رات جو راڳ ٻڌا يان.

اهي مٿيان نظم ۽ اهڙا ئي ٻيا جھڙوڪ "ڪلفيءَ وارو ڪاڪو"، "اسڪائوٽ مان آهيان ٻارو"، ۽ "هو جمالو" وغيره ٻار جي مٿان اهڙي خوشگوار ڪيفيت طاري ٿيندي جيڪا سندس دماغي صلاحيتن جي واڌاري، تازگي ۽ خوشين ۾ اضافي جو سبب بڻجندي.

هن شعري مجموعي ۾ سيني نظمن کان پهريان ڏنل حمد ۽ دعا وارا نظم به پنهنجي اندر ۾ اهڙو روحاني تاثر رکن ٿا جو انهن کي پڙهڻ سان دل باغ بهار ٿي وجي ٿي.

مان اميد ڪريان ٿو ته استاد گل دايو ٻارن جي ادب جي ترقي واري ڏس ۾ پنهنجي هن ڪوشش کي اڳتي جاري رکندو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻارن کي سندس ٻيا به شاعري ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ميسر ٿيندا رهندا.

پروفيسر مختيار سمون
نالج سينٽر لاڙڪاڻو
12-02-2020

پنهنجي پاران

مان کو شاعر يا اديب نہ آهيان پر بنيادي طور تي مان "ماستر" آهيان. ها ايترو ضرور آهي جو مون هڪ سڃاڻ ماستر جي حيثيت ۾ جيکو ڪجھ پرايو آهي ۽ گھٽو عرصو سنڌي ادبي سنگت ۾ رهڻ ڪري، اديبن ۽ شاعرن کان جو ڪجھ سکيو آهي. انهيءَ جو سادڙو اظهار منهنجون ڪچيون ڦڪيون لکڻيون آهن. وري انهن سادين سودين لکڻين جي عڪس طور، ٻارڙن لاءِ شاعري تي مشتمل منهنجو پهريون ڪتاب "گيت گلڙن لاءِ" اوهان جي هٿن ۾ آهي. منهنجو هي ڪتاب ٻاراڻي ادب جو کو شهپارو نہ پر يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿيڻ واري مثال جو هڪ ننڍڙو نمونو آهي. اميد تہ ادب جي دنيا ۾ قبوليت حاصل ڪندو.

مون مٿي جيکو پاڻ کي "ماستر" لکيو آهي، انهيءَ ماستر هئڻ تي مون کي فخر آهي ڇاڪاڻ تہ موجوده دور ۾ سرڪاري توڙي خانگي اسکولن ۾ پڙهائيندڙ مدرس کي جيڪڏهن "ماستر" چئبو آهي تہ هو تپي باھ تي ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن کي هڪ تہ انهيءَ لفظ جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڪونهي ۽ ٻيو وري سماج جي اڌ پڙهيل ماڻهن، ماستر کي ناڪاره، ڪم چور ۽ گوسڙو ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري ذڪر ڪيل مدرس پاڻ کي "ماستر" چوائڻ کي برو محسوس ڪن ٿا.

منهنجا ياءُ "ماستر" لفظ "مستر" مان ورتل آهي ۽ "مستر" رازي جو هڪ وڏو هٿيار آهي، جنهن سان هو پتين، چتين ۽ بلاڪن جي سڏائي رکڻ جو ڪم ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ئي "ماستر" وري "ٻارڙن جي دماغ" کي علم جي ذريعي سنوت ۾ آڻيندو آهي. مون ٻارڙن لاءِ هي جيکو پيار جو پورهيو ڪيو آهي، ڪوشش ڪري ان ۾ تفريحي عنصر شامل رکي "ماستر" واري انداز ۾ ٻار تائين ڄاڻ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اميد تہ منهنجي ننڍڙي ڪوشش کي ٻارن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندئو.

آسائتو

استاد گل دايو

مينهل ڪالوني ايئر پورٽ روڊ لاڙڪاڻو.

شاعري



حمد

منهنجا منڙا مولا سائين،
سڀ جي تون ٿو آس پڄائين.
تون ئي آقا، تون ئي داتا،
تون ئي سڀ کي رزق رسائين.
ڪک پن ۾ تون، هن هن ۾ تون،
تون ئي ٻاجهه جا ڪر وسائين.
مان ٿو نندڙا هٿڙا جوڙيان،
تنهنجي در ٿو گوڏا کوڙيان.
مالڪ منڙا علم عطا ڪر،
نندڙي وڏڙي معاف خطا ڪر.
مولا سائين همت ڏي تون،
جبلن جيڏي طاقت ڏي تون.
سنڌ سڄيءَ جي ڪر سڀائي،
ڏرتي ٽئي جيئين ساري سائي.
منهنجا منڙا مولا سائين،
سڀ جي تون ٿو آس پڄائين.



ٻار جي دعا

مـــــولا منهنجو عـــرض اگهـــاءِ،
ديـــس منهنجي تـــي مينهن وســاءِ.
مينهن وسڻ سان ساوڪ ٿيـــندي،
ٿـــر بـــر ۾ خـوشحالي ايـــندي.
ٿيندا لنب، ليـــــون ۽ گـــــاهه،
مـــــولا منهنجو عـــــرض اگهـاءِ.
مينهڙو وسندو، ويـــڙهـــا وسندا،
ادڙا، ادڙيـــــون پـــــاڻي پيئندا،
بـــــرپـــٽ ۾ گلزاري ٿيـــــندي،
ڊور ڊڳـــا ســـپ چـــارو چـــرندا،
بـــادل گـــرجي زور سان وسندا،
تـــل تـــرايـــون ســـپ تـــر ٿيندا.
وڻـــنداسين ســـپ منـــيءَ هـــڳاءُ،
مـــــولا منهنجو عـــــرض اگهـــاءِ،
وسنـــــدو مينهن تہ ان بہ ٿيـــــندو،
چـــــاڙهيندا سيـــــن بـــوڙپلاءُ،
مـــــولا منهنجو عـــــرض اگهاءِ،
ديس منهنجي تـــــي مينهن وساءِ.

ننڍ ڪراءِ



مصـــور منهنجو پـــوٽـــو آهي،
گهر ۾سپ ڪو هن کي چـاهي،
رات ٽئي ٽي مون کي چوي ٽو،
بـــابـــا ســـائين ننڍ ڪـــراءِ،
گهـــوڙي وارو بيـــت ٻـــڌاءِ.
بـــابـــا پنهنجي ٻانهن سمهاري،
پـــوري مينهن جـو کير پيئاري،
ٽـــڏڙا پـــي مون کي ڪيجانءِ،
بـــابـــا ســـائين ننڍ ڪـــراءِ،
گهـــوڙي وارو بيـــت ٻـــڌاءِ.

بـــابـــا، سسئي پيـــڻ ٿي ماري،
ادي ســـــورٺ ٿـــي ڏيڃاري،
ڃئـــي ٿي رات جو ٻـاهر ويندين،
كـــولـــر جـــو پـاڻي هاريندين،
رات جـــي مـــاءُ تـوكي كائيندي،
ان كـــان پنهنجو خيال كـجانءِ،
بـــابـــا ســـائين ننڍ كـــراءِ،
گهـــوڙي وارو بيـــت ٻـــڌاءِ.
بابا مان جـــــڏهن وڏو ٿيندس،
رات جـي ماءُ كي گولي هڻندس،
مـــنڙا بـــابـــا هـكڙو پيرو،
ڏائـــــڻ ڏيكـــاري ڃـــڏجانءِ،
بـــابـــا ســـائين ننڍ كـــراءِ،
گهـــوڙي وارو بيـــت ٻـــڌاءِ.






ڪتڙو

مـــون وٽ نـــنڍڙو ڪتڙو آهـــي،
چڪ ڀي ڪنهن کي ڪين ٽو پـائي.
نـــــرم، نـــــرم آ پشـــم جهڙو،
اڇـــي ڪـــاري رنـگ جو گهرو.
مـــانـــي پاڻـــي ڪين گهري ٿو،
تنگ ڀي ڪنهن کي ڪين ڪري ٿو.
ڪاريون ڪاريون اکڙيون هن جون،
جـــن کـــي وينو ٿـــو ٽمڪائي،
مـــون وٽ نـــنڍڙو ڪتڙو آهـــي،
چڪ ڀي ڪنهن کي ڪين ٽو پـائي.
ٻـــــــارو، هـــي راندیڪو آهي.
ســچي پـــچيءَ جـــو جـائـي ناهي،
بـــابـــا ڪـــراچيءَ مان هي تحفو،
خـــاص اســـان لاءِ آنـــدو آهـي.
ســچي پـــچيءَ جـــي ڪتڙي ڪـي،
جـــو ٻالـــڪ ٽـــو ڪـاڏو ڪـارائي،
تنهن ٻـــالـــڪ تـــي مالڪ سائين،
رحمـــت جـــا ٽـــو مينهن وسائي.


شاھ لطيف جو پڙھون رسالو



شـــــاھ لـــطيف اســان جو يارو،
پـيـارن پـــارن جـــو بہ آ پـــارو.
امـــــن جـــو جنھن پيغـــام ڏنو آ،
ســـــنڌيءَ ۾ قـــــرآن ڏنـــو آ،
ھـــن جـــو رسالو حق جي وائي،
پـــارن ســـنڌ ســـڃيءَ ۾ ڳـــائي.
بيـــت لـــطيف جا درس اسان لئ،
پـــڑھـــڻ آ جن کي فرض اسان لئ.
دنـــيا لاءِ ھـــن پيـــار جـــو نيـــاپو،
ســـک، ســـلامتي، جـــگ جياپو.
شاھ جي سورمي سسئي، سورٹ،

جن کي پڙهڻ سان وڏي ٿي همـــت.
شـــــاهه جـــي مارئي ٿر جي ڄائي،
وطـــــن جـــي جنهن آ حـــب ٻڌائي.
اچـــو تہ ٻـــارو کـريون کو چارو،
شـــــاهه لـــطيف جو پڙهون رسالو،
شـــــاهه لـــطيف جو پڙهون رسالو.





ٻوٽا

ٻـــوٽـــا پنهنجا ســـاڻي آهـــن،
آڪـــسـيجن ڏ ـــا هـــي پهچائن.
ڪـــــاڏي لـــئ انسانن سان گڏ،
جـــانور پـــي ڏ ـا هنن کي چاهن.
هـــي وڏي جـــڏهن وڻ ڏين ڏا،
يـــــاڄـيون ميـوا جام ڏين ڏا.
ٻـــوٽـــن جـا ٻج، پن ۽ ميوا،
دوا نـــــاهـــڻ ۾ ڪـم اچن ڏا.
هوا مان گـــدلاڻ کـي چوسي،
صـــاف ۽ تـــازي هـــوا ڏين ڏا.
ٻـــوٽا ڏـڏڙي چـانو ٻه ڪن ڏا،
واهـــن جـا هي ڪپر جهلين ڏا.
ٻـــوٽن مـــان ته فـروٽ ملي ڏو،
مـــاکي کونئر ۽ جوس ملي ڏو.
يـــاد رکـــو اي پيـارا ٻارو،
ابـــي امـــڙ جـي اکين جا تارؤ.
ٻـــوٽـــن کـي جو پاڻ ڪٽي ڏو،
تنهن کـــان هـادي رب رسي ڏو.

انٽرنيٽ

شاگرد: انٽرنيٽ ڇا آهي سائين؟
ڇو آهي ۽ ڇاهي سائين؟

استاد: پٽ هي هڪڙو ذريعو آهي،
جيڪو ٿو دنيا سان ملائي.
هن کي ملائي ڪمپيوٽر سان،
جڏهن به کو ٿو بٽڻ دٻائي،
ڪمپيوٽر جي اسڪرين ٿي،
طرحين طرحين ڇاڻ ٻڌائي.
هن جي ذريعي دنيا جا،
انمول ڪتاب پڙهي سگهجن ٿا،
هن جي مدد سان دنيا جا،
سڀ ملڪ ڏسي پسي سگهن ٿا،
هن جي وسيلي قومن جون،
ٻوليون ٿيون ٻڌڻ ۾ سڀ اچن،
هن جي ذريعي دنيا سان،
دوستيون به وڌائي ٿيون سگهجن.
هن کي هلائڻ لاءِ اسان کان،
ڪاکو وڻي ٿو ٿورو ڪرايو،
پيارو انٽرنيٽ هلايو،
پنهنجي معلومات وڌايو.



ڪرڪيٽي ٽيندس

بابا مون کي بيٽ ونڊي ڏي،
ڪرڪيٽ واري هيٽ ونڊي ڏي.
شاهد آفريدي مان ٽيندس،
هر بالر کي خوب ڪٽيندس.
هڪ، پل ۾ ڪٽ شاٽون کيڏي،
بال کي بائونڊري پار ڏکيندس.
چڪا، چونڪا کوڙ هٽي مان،
شوقينن کان داد ٻ ونڊندس.
سلپ ۾ ڪيپر سان گڏ بيهي،
ڏکيون ڏکيون ڪئچون پکڙيندس.
ڪيپٽن چوندو گليءَ ۾ بيهو،
اتي پي هر شاٽ روڪيندس.
مئچ ۾ گگلي بال ڪرائي،
ٽيم اڳيئن جا لاهه پٽيندس.
بابا مان ڪرڪيٽي ٽيندس.
بابا مان ڪرڪيٽي ٽيندس.
بابا مون کي بيٽ ونڊي ڏي،
ڪرڪيٽ واري هيٽ ونڊي ڏي.

چنگچي

چـــائنا چنگچي ناهـــي آهـــي،
سســتـــو ٽـــي هـــر هنڌ پهچائـي.
چيـــن جـي هـيءَ ايجاد ڏسـي،
پـــوءِ پاڪستان بڻائـي آهـــي.
بـــارو هـــيءَ عوامـي گـــاڏي،
سپ ڪنهن کي ٽي سڪ رسائـــي.
بـــارن کـي اسڪول چڏي ٽـي،
رودِ تـــــي ڏاڍو تيز هلـي ٽي.
مـــــايون ڪاڪا سپ چڙهن ٽا،
بـــار بہ ڏاڍا مـــزا ونـــن ٽـــا.
شهـــر سڄـي ۾ چڪـر هڻـي ٽي،
مـــاڻهن کـي هيءَ ٽڪـر هڻي ٽي.
ونـــي ٽـي سپ کـان فل ڪرايو،
ٻارن سان ڪجهہ رعايت ڪري ٽي.
ٻهراڙين ڏانهن وڃـڻ لڳـــي آ،
ڳوٺ جون سواريون ڪٽڻ لڳـي آ.
اتان جي ڪچڙن رستن تـــي هيءَ،
ٻيـــڙيءَ وانـــگر ٽـي لـوڏائـي.
چـــائنا چنگچي ناهـــي آهـــي،
ســستـــو ٽـــي هـــر هنڌ پهچائي.

پاڻي



پيو پيو اي ٻـــــــــارو پاڻي،
اوٻـــــــاري ۽ چـــــاڻي پاڻي.
سمنڊ جـــو پاڻـــي کـارو آهي،
نـدين مـــــان ٺو واهه وهائـــي.
پـــــاڻي هر هنڌ پاڪ نہ آهـــي،
ســـــــارو پـاڻي صاف نہ آهي.
هـــــن ۾ هـــن زهريلا مـادا،
بئڪٽيريـــــا اچـــلايل کاڏا.
گهـــرن جـــو سارو گندو پاڻي،
قـوڳ مليل جنهن ۾ انسانـــي.
دريـــائن ۾ جڏهن پـــوي تـــو،
انهن کي گندو خوب ڪري ٺو.
پيئڻ کان اڳ هن کي ٿهکايو،
سنهڙي ڪـــــپڙي ۾ چـاڻايو.
پـــــوءِ پيئو پـــل ٻارو پاڻي،

اوبـــــاري ۽ چـــاٽي پـــاٽي.
پـــــاٽي پيئڻ جي ڪر اچي ٿو،
ڪـــــاڏي، وهنجڻ لاءِ ڪپـــي ٿو.
هـــــاري ٻنين ۾ ٿو پهچائـــي،
هـــــن جـــي وسيلي ان اپائي،
پـــــاٽي سڀ لئہ ساهہ بہ آهـــي،
ٻـــارو سنڌ سڃيءَ جو سمجهـــو،
پـــــاٽيءَ منجهہ پساهہ بہ آهي.
هيءَ هلي ٿو سنڌو نديءَ مـــان،
ڏنـــڏين، واهـــن ۽ ڏرتيءَ مـــان.
هـــــاٽـــي ڏاريا سنڌو نديءَ تي،
ڪـــــالا، پـــاشا ڏيـر ٿا ناهن،
ٻـــــارو سڀ هوشيار ٿجو جـو،
هـــــي پـــاڙيا ٿا سنڌ سڪائن.
جـــــڏهن اوهـان کي سڏ ٿئي،
هـــر ســـنـڌي مـــاٽـهو گڏ ٿئي،
پـــــوءِ اٽڙي سڀ پهچـــي ويجو،
۽ فلسطيني ٻـــــارن وانـــــگر،
ڪٽـــــي گليلـــي يـا کـــو پٽر،
پـــــاٽيءَ جـــي ڏاڙيلن جو سڀ،
دون ڀچـــــي ان ســـــان ڇڏجـــو.

وئڪيشن جو ڪم اڪلايون



اچو تہ پارو فيئر بوڪ ٺاهيون،
وئڪيشن جو ڪـــم اڪـلايون.
انگريزيءَ جـــو بـوڪ آ پورو،
ســـائنس جـو ٿر ٿهيل اڏورو،
سڀ بـوڪ ٺاهي فرض نپايون،
اچـو تہ پارو فيئر بوڪ ٺاهيون،
وئڪيشن جـو ڪـــم اڪلايون.
هـــوم ورڪ آ پـــورو ڪرڻو،

نئين ســـــــــال آ نمبر ڪٽڻو.
مـــحنت تـــي اڄ زور لڳايون.
اچو تہ ٻارو فيئر بوڪ ٺاهيـــون،
وئڪيشن جو ڪـــر اڪـــلايون.
اي بـــــي ســـي ڊي ياد آ ڪرڻي،
رياضيءَ جي هـڪ مشق آ سکڻي.
نئين ڪـــــلاس لاءِ تياري ٻارو،
هـــــاڻي کان ئي ڪرڻ ٿا چاهيون.
اچو تہ ٻارو فيئر بوڪ ٺاهيـــون،
وئڪيشن جو ڪـــر اڪـــلايون.
ڪـــــر اڪلائي پوءِ گهمنداسين،
مـــامـــا جن جي ڳوٺ ويندا سين،
راندیون روندیون وقت سان کيڏي،
دوستن ڏي پـــي گهمڻ ويندا سين،
انٽرنيٽ تـــــي ٿـــورو ويهي،
ڇـــــو نہ پـــلا ڪا ڄاڻ وڌايون.
اچو تہ ٻارو فيئر بوڪ ٺاهيـــون،
وئڪيشن جو ڪـــر اڪـــلايون.

ڪمپيوٽر



ڪمپيوٽر هڪ مشين آهي،
سڀ ڪم جلدي ٿو اڪلائي.
هن جا چار حصا ٿيندا هن،
ڪمپيوٽر جي چئن حصن مان،
هڪڙو ٿو "ڪي بورڊ" سڏائي.
ٻيو حصو ڪمپيوٽر جو ٿو،
پاڻ کي "سي پي يو" چورائي.
هن جو جيڪو ٽيون حصو آ،
تنهن کي "مانيٽر" چئبو آ.
ڪمپيوٽر جو چوٿو حصو،
سچ پچ "مائوس" جهڙو آهي.

سي پي يو ۽ مانيٽر،
پاڻمرادو ڪن ٿا ڪر.
ڪندو آهي ڪي بورڊ سدائين،
مليل ڏيڻا گڏ گڏ هر دم.
پروگرام هلائڻ خاطر،
مائوس سان سڀ ڪلڪ ٿا ڪن.
ڪلڪ ڪرڻ سان ڪمپيوٽر ٿو،
نئين نئين پيو ڇاڻ ڏٺائي.
هيءَ بجليءَ جي مشين آهي،
جهڻ پٽ سڀ ڪر ٿو اڪلائي.
ڪمپيوٽر ڪتاب لکي ٿو،
بيمارين جو علاج ڏسي ٿو.
آفيسن، اسڪولن ۾ هي،
لک پڙهه جا هي ڪر ڪري ٿو.
ٻڌن ڪلاڪن جي ڪر ڪي هي،
چند گهڙين ۾ ٿو اڪلائي.
ڪمپيوٽر هڪ مشين آهي،
سڀ ڪر جلدي ٿو اڪلائي.

چقمق


پيارا ٻارو، علم پرايون،
چقمق بابت ڄاڻ وڌايون.
چقمق هڪ اهڙو پرزو آهي،
لوهہ نڪل کي ڪشش ڪندو آ،
هي جڙي پي ٽنگيل هوندو آ،
طرفن جي پيو ڄاڻ ڏيندو آ،
هي جنهن کي پي ڪشش ڪندو آ،
تنهن کي چقمقي شئي چئبو آ.
ڪوڪا، ٽاچنيون، سيون پتل جون،
سڀ جو سڀ هن ڏانهن ڇڪجن ٿيون.
ڪتاب، شيشو، پين، پٽ،
هن ذريعي ڪونہ ٿا ڏڪجن.
چقمق برقي يا هٿرادو،
انهن جا گڻ ٿا گڏجي ڳايون.
پيارا ٻارو، علم پرايون،
چقمق بابت ڄاڻ وڌايون.



چيڪلو

چيڪلو جيئن جيئن گول ڦري ٿو،
ٻـــارن کـــي تيئن مزو اچي ٿو.
کـــو گھوڙي تي ڪو هاٿيءَ تي،
ويٺـــــي ويٺـــي ٽھڪ ڏئـــي ٿو.
جيڪو ٻار جھاز چڙھـي ٿـــــو،
پاڻ کي پائليٽ ھو سمجھي ٿـــو.
چيڪلو جيئن جيئن گول ڦري ٿو،
ٻـــــارن جـــــو آواز اچي ٿو.
کـــــاکـــــا ٿورو تيز ڦيرايو،
گھٽو اجـــــان پـــي مزو کارايو.
چيڪلو جا جڏھين چيڪٽ ٽين ٿا،
ٻـــــار ٻـــڌي ڏاڍا ٽھڪ ڏين ٿا.
چيڪلو جيئن جيئن ڏئي ٿو ڦيرا،
ٻـــــار کلـــي کلـــي ٽين ٿا کيرا.
چيڪلو جيئن جيئن بيھڻ لڳي ٿو،
ٻـــــارن جـــو منھن لھڻ لڳي ٿو.

ڳڻپ جو قاعدو



هڪ ايڪو هڪ،سبق ويهي لڪ.
ٻائيڪا ٻہ، ڪر ڪان ڪانهي ننهن.
ٽي ايڪا ٽي، پينسل مون کي ڏي.
چار ايڪا چار، ٻيڙا ٽيندا پـــار.
پنج ايڪـــا پنج، الله ڏيندو گنج.
ڇهہ ايڪا ڇهہ، امـــان پاتا ڳهہ.
ست ايڪا ست، واڻيہ ويهي ڪٽ.
نو ايڪا نو، ڪانـگ لاتـــي لنو.
ٻـــڙي ايڪـو هڪ ڏاهڪو ڏهہ،
ٽلهو كـــاكـــو كـري پيو ڦهہ.

چيڙي

آئـــــي آئـــــي گـرمـــي آئي،
بـــــــارن آ چـــيڙي سبرائي.
چـــــــيڙي پائي خوش ٿين ٿا،
ڏوڙون پـــــائي نچن ٽپن ٽـــــا.
هيڏي ســــــاريءَ گرميءَ ۾ اڃ،
چـــــيڙي ٻارن کي ڪر آئي.
آئـــــي آئـــــي گـرمـــي آئي،
بـــــــارن آ چـــيڙي سبرائي.
ڪن وٽ اي سي ڪن وٽ ڪولر،
ڪن وٽ فرجون، ڪن وٽ فريزر.
ڪـــــن آ گـــــرمي مارڻ خاطر،
گهرن پنهنجن ۾ بـــــرف گهرائي.
آئـــــي آئـــــي گـرمـــي آئي،
بـــــــارن آ چـــيڙي سبرائي.
شهر جـــــا ٻارڙا نلڪـن هيٺان،
چيڙيون پـــــائـــــي وهنجن ويٺا.
ڳـــــوٺ جي ٻارن گوڏيون پائي،
واهه ۾ آهـــــي ٽپـــي لڳائـــي.
آئـــــي آئـــــي گـرمـــي آئي،
بـــــــارن آ چـــيڙي سبرائي.

پورهيت پار

پار ٿا پورهيو ڪن ويچارا،
گهر جا حال ٿن پورا سارا.
عمر اٿن اسڪول وڃڻ جي،
علم، عقل اخلاق سکڻ جي.
بيراگيري هي ڇا ڄاڻن،
مجبوريءَ ۾ ڇانهه ٿا ڇاڻن.
گهر جي چلهه کي پاڻ خاطر،
ڪم ٿا ڪن مزدورن وارا.
پار ٿا پورهيو ڪن ويچارا،
گهر جا حال ٿن پورا سارا.
پورهيت پار بيمار رهن ٿا،
ڏاڍ سان جنسي شڪار ٿين ٿا.
هنن جي ڪو به نه دانهن ٻڌي ٿو،
ڪونه ڪوئي فرياد ونئي ٿو.
روئندي روئندي عمر ٿا گهارن،
فوٽ پاٿن تي رات گذارن.
ڪارخانن ۾ ڪم هي ڪن ٿا،
ٻڌن تي ٻيڻا سرون ڏوئن ٿا.
ڳٽتي انهيءَ ۾ ڳرندي ڳرندي،
پرن ٿا ٽڏڙا روز شوڪارا،
پار ٿا پورهيو ڪن ويچارا،
گهر جا حال ٿن پورا سارا.

ڌرتي ۽ سج



سائنس مان هـــي ڄاڻ ملي ٿي،
ڌرتي سج جي گـــول ڦري ٿي.
هن جي اڌ ڦيري کـــان پوءِ،
دنيا ۾ ڏينهن رات ٿئي ٿـــي.
سج هڪ روشن تـــارو آهـــي،
سج سان ڌرتي روشن ٿئي ٿـي.
هن جي گرميءَ مان ڌرتيءَ کي،
پتي ڪروڙين مس ملـــي ٿـي.
سج جا نو گـرهه ٿيندا هـــــن،
جن مـــــان هڪڙو آ ڌرتي يي.
سج ڌرتيءَ کان ڏيڍ سئو ملين،

ڪلوميٽرن کان پري آ ٻارو.
سڄ جي روشني سيڪنڊ اڻن ۾،
ڏرتيءَ تي پهچي ٿي يارو،
ڏرتي پنهنجي ماءُ آ پيارئو،
سڀ ڪنهن لئ آ جيءَ جيارو.
انهيءَ ڪري ڏرتيءَ سان ٻارو،
محبت پنهنجي دل ۾ ڏاريو.
محبت پنهنجي دل ۾ ڏاريو.



ڏونءَ جي کوڙي پڙهڻ جو جديد طريقو

ايـــــک ڏون ڏون،
سستي نہ ڪر تون.

ٻہ ڏون چـــــــــار،
وقت نہ پنهنجو خـــار.

ٽہ ڏون چـــــــهہ،
گهوڙي ڪـــيو گهہ.

چـــــــار ڏون اٺ،
ڪٽـــــــي اڇ ڪٽ.

پنـــــــج ڏون ڏهہ،
لاهيو پنهنجـا ننهن.

بوٽ ۽ سوٽ ۽ ٽاءِ



بـابـــا مون کي بوٽ ونڻي ڏي،
ڳـــاڙهي ٽاءِ ۽ سوٽ ونڻي ڏي.
مان ويندس اسڪـــول سياڻي،
ڪتاب ڪـــاپيون ڇاتيءَ تاڻي.
سيءَ آ ڏاڍو ڪـــوٽ ونڻي ڏي،
بـابـا مون کي بوٽ ونڻي ڏي،
ڳـــاڙهي ٽاءِ ۽ سوٽ ونڻي ڏي.
پنهنجي مڻڙي ٻولي پڙهندس،
انگريزي ۽ سائنس ٻہ سکندس.

گھر تـوڙي اسڪول ۾ ويهي،
ڪمپيوٽر جـي ڄاڻ ۾ ونندس.
مانيٽر جـــــي هلائڻ خاطر،
بس هڪڙو ريموٽ ونـــي ڏي،
بـابـــا مون کي بوٽ ونڻي ڏي،
ڳـــاڙهي ٽاءِ ۽ سوٽ ونڻي ڏي.
رٻڙ، ســـانچو، پينسل گھرجي،
پڙھڻ لئہ ڏاڍي محنت گھرجـي،
محنت لئہ ٿي صحت گھرجـي.
صحت لاءِ فـــروٽ ونـي ڏي،
بـابـــا مون کي بوٽ ونڻي ڏي،
ڳـــاڙهي ٽاءِ ۽ سوٽ ونڻي ڏي.
لـــول ۽ پـاپـا ڪين وڃڻ ڏي،
چيگر پيٽ ۾ سور وجھن ٿـا.
ڪائڻ لئہ اڪـــروٽ ونـــي ڏي،
بـابـــا مون کي بوٽ ونڻي ڏي،
ڳـــاڙهي ٽاءِ ۽ سوٽ ونڻي ڏي.

قلفيءَ وارو ڪاڪو

قلفـــــيءَ وارو ڪـــاڪـــو آيو،
ٻـــارن گهر ۾ شـــور مچايـــــو.
بـــــابـــــا مون کي روپيو ڏي،
امان مـــونـــڪـــي روپيـــو ڏي،
قلفـــــي کير مـــلائيءَ واري،
پـــــريل آهي پستن سان ساري.
ٽـــــڏڙي ٽـــڏڙي منڙي منڙي،
ڪـــــاڪـــي تازي آهي ٺاهي.
ٻـــــارو جلـــدي جلـــدي اچو،
ٽـڏڙي منڙي قلفـــي ونـــــو.
ٻارن جو وري هـــوڪـــو ٻڌو،
خـــرچيءَ لاءِ ونـــي زور پريو.
هنن جـــــي اهڙي تڪڙ ڏسي،
ڪنهن کي ماءُ ۽ ڪنهن کي پيءُ،
روپيو روپيـــو آ ڏار ڏنـــــو.
جنهن مـــــان ٻارن قلفي آندي،
مـــزي مـــزي سـان ويهي کاڏي.

ٻارن لاءِ انعام

ٻائو مان هڪ ماستر آهيـــان،
ٻارن کي ٿو روز پڙهايـــان.
هنن سان ڏاڍو پيار ڪيان ٿو،
سڀ کـــي ڏاڍو مـان ڏيان ٿـو.
ٻار پي منهنجي عزت ڪن ٿا،
دلچسپيءَ سان سڀ پڙهن ٿـا.
هي اسڪول اڇڻ کان اڳ ۾،
مـــــاءُ پيءُ کان دعا وٺن ٿا.
وقت تي هي هر روز اچن ٿا،
ننڍين وڏن جـــي عزت ڪن ٿا.
ننڍڙا تـــــوڙي وڏڙا سڀئي،
پيڙ ۽ پاءُ ســان پيار وندين ٿا.
جڏهن جڏهن امتحان ٿئي ٿـو،
تڏهن تڏهن انعام کٽن ٿـــا.
انهيءَ ڪري آءٌ ٻارن لاءِ ٿـــو،
گيت گلڙن لاءِ پـيـــو ٺاهيـــان.
ٻائو مان هڪ ماستر آهيـــان،
ٻارن کي ٿو روز پڙهـايـــان.

نوڙها ٻار



آئـــي آئـــي گرمي آئـي،
ٻـــارن آهي نوڙهه ڪرائي.
ڪن چاچي کان ڪن مامي کان،
حجر کان ڪن پاڪي گهمرائي.
ٻـــارن جا ڏس وار لهي ويا،
سڀ جا سڀ ڏس نوڙها ٿي ويا.
نـــوڙهـــا ٻار وٽن ٿا ڏاڍا،
مرڪي ڳولن وار ٿـــا پنهنجا.
نـــوڙهه ڪـــي آيـــا تيل لڳائي.
پنهنجي نوڙهه کي سڀ چمڪائي.
اهـــو ڏسي ٿو ٽهڪي ٻيٽو،
يـــاڃيءَ وارو نـــورو يائي.
آئـــي آئـــي گرمي آئـي،
ٻـــارن آهي نوڙهه ڪرائي.

چننن چن، چننن چن



بـــــلب آ ٹـــــاهيو ايڊيسن،
چـنـــــن چـــن، چننن چـن،

هن کان اڳ ۾ هڪ رولو هو،
گهرن ۾ اوندهه جو اولو هـو،
بلب ٺهڻ سان آ ٽـي ويـــــو،
جڳ سارو روشـــــن روشـن،
چـنـــــن چـــن، چننن چـن،

بتين تـــي ٻار اڳي پڙهندا ها،
سنـــا سنـــا نمبر ڪٽندا ها،
اڇو تہ ٻـار پڙهي بلبن تـــي،
ڪٽون ڪا پهرين پـــوزيشن،
چـنـــن چـــن، چنن چـن،

بلب کان وڏ ٽيوب لائٽ بہ آهي،
رات کي جيڪا ڏينهن بڻـائي،
لائيٽ ۽ بلبن جي جڳ مڳ ۾،
ٻـــــارو کيڏي ڪيو جشن،
چـنـــن چـــن، چنن چـن،
بلب ٽا سج چند کي شرمـائن،
سپ ماڻهو ٽا هنن کي چـاهن،
گلڙن جهڙا بلب ٺهي ويـــا،
جـــن کي ٻار ڏسي مرڪن،
چـنـــن چـــن، چنن چـن.



اسڪائوٽ مان آهيان ٻارو!

اســـڪـــائوٽ مان آهيان ٻارو!
سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!
مـــلڪ مـــذهب کان بالاتر ٿي،
رنـــگ نسل کان اعلي تر ٿي،
شاهه لطيف جي ست ٻڌجي مـان،
تتيءَ ٿڌيءَ ٿـــو ڪاهيان ٻارو!
اســـڪـــائوٽ مان آهيان ٻارو!
سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!
اسڪـــارف آ سجـاڻ اسان جي،
بيج ٻڌائـــن جـاڻ اسان جي،
شولبرن واري خـــاڪـي وردي،
دنيا ۾ سجاڻ اســـان جـــي،
ٽن آڱرين سان ڪـري سلام ٿو،
واعـــدو يـــاد ڏياريان ٻارو!
اســـڪـــائوٽ مان آهيان ٻارو!

سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!
اسڪائوٽ بڻجي عزت ملي ٿي،
حوصلي سان گڏ همت وڌي ٿي،
آئوٽنگ وقت رهي ڪئپمن ۾،
نظر ۽ ضبط سان تربيت ٿئي ٿي،
اسڪائوٽنگ مان جو سکيا وڻي ٿو،
سڀ جي همت وڌايان ٻارو!
اسڪائوٽ مان آهيان ٻارو!
سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!
علم سان منهنجي محبت آهي،
هنر سان ڏاڍي چاهت آهي،
انهيءَ ڪري ٿو ڪکن پنن مان،
مادل ويٺو ٺاهيان ٻارو!
اسڪائوٽ مان آهيان ٻارو!
سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!
انسانيت سان پيار آ منهنجو،
خدمت ڪرڻ ۾ شان آ منهنجو،
دنيا مان ڏک سور پڃائي،
هرهنڌ امن ٿو چاهيان ٻارو!
اسڪائوٽ مان آهيان ٻارو!
سڀ ڪنهن کي ٿو چاهيان ٻارو!

مچر خان جي لپاڙ



نـــــالـــــو منهنجو مچر خان،
دنيا ۾ آهيان بـــــــدنـــــام.
جنهن تنهن کي مان چڪ ٿو پايان،
کـــــن ۾ رات جو راڳ ٻڌايان،
راڳ ٻـــــڌائي جهمريون پـــايان،
کيو اٿر سڀ کـــي پريشـــــان.
نـــــالـــــو منهنجو مچر خان،
دنيا ۾ آهيان بـــــــدنـــــام.
چڪ منهنجي کـــــان سڀ ڊڄن ٿا،
پکا ۽ پوڙهـــا دور پڄن ٿـــــا،
وڏا چڪڻ جـــــو وجهه نٽا ڏين،
ٻار تہ آهن خـــــاص نشـــــان.
نـــــالـــــو منهنجو مچر خان،

دنيا ۾ آهيان بـــــدنـــــام.
مـــــليريا جـــــي آهيان بيماري،
بڊجان ٿو جنهن تنهن لاءِ خـــواري،
مون کي ڏسي سڀ ايئن چـــون ٿا،
تـــــوبهہ زاري الا امـــــان.
نـــــالـــــو منهنجو مڇر خان،
دنيا ۾ آهيان بـــــدنـــــام.
مـــــاري مون سان ڪيو ٿا تعدي،
مـــان بہ ڪيان ٿو سڀ سان ڏاڍي،
ڪيئن ڪيان ۽ ڪاڏي وڃان جو،
آهيـــان نندڙو ۽ نـــــادان،
نـــــالـــــو منهنجو مڇر خان،
دنيا ۾ آهيان بـــــدنـــــام.
پـــــارو مـــون ڏي ڪن ڪيو،
غـــــور سان "گل" جي ڳالهہ ٻڌو،
ڪـــــڏن ڪٻن تـــــي چونو هاريو،
گهرن پنهنجن ۾ ميڙ کي پاريو،
صاف رکو گهٽين ۽ گهر کـــــي،
چٽي پوي مڇر مـــــان جـــان،
نـــــالـــــو منهنجو مڇر خان،
دنيا ۾ آهيان بـــــدنـــــام.

سهرا ڳايون



ڳـــايو ڳـــــايو سهرا ڳـــايو،
پينر گڏجي جهمريون پايـــــو،
پـــائوءَ جي اڄ شادي آهـــي،
دهـــل ۽ تاڙيون تيز وڄايـــو،
ماما گهوٽ کي ڳانو ٻڌنـــدو،
منهن تي سهٽا موڙ ۾ رکندو،
شام جو گهر ۾ ٻکي ٽيندي،
مـــاسي چاچي ڏيب ۾ ڏيندي،
جـــلدي جلدي ميڪ ڪريو،
چلکـــــي وارا ڪپڑا پـــايو،
ڳـــايو ڳـــــايو سهرا ڳـــايو،

پينر گڏجي جهمريون پايـــو،
بس تـــي ڇڇ وڻي هلنداسين،
اڙي پـــي سهرا چونداسين،
ڪنواريتن جـــي گهر ۾ پهچي،
شاديءَ رسمون خوب ڪنداسين،
وار ۾ پنهنجـــا سيـــٽ ڪيو،
ءِ رنگ برنگي چوڙيون پايـــو،
ڳـــايو ڳـــايو سهرا ڳـــايو،
پينر گڏجي جهمريون پايـــو،
ڪنوار اسان جي گهر ۾ ايندي،
ڏاڍي بـــــاغ بهـــاري ٿيندي،
اوڙي پاڙي واريـــون ايندیون،
ڪنوار کي سيئي موڙو ڏيندیون،
گهوٽ ءِ ڪنوار جي ويهڻ خاطر،
سهڻي سهڻي سيج وڇـــايـــو،
ڳـــايو ڳـــايو سهرا ڳـــايو،
پينر گـــڏجي جهمريون پايـــو.

موبائل

مـــــوبائل تي مئسيج آيـــو،
بـــارو، پنهنجو وقت بچايـــو.
گذريل وقت نہ مـــوٽي ايندو،
هـــن جو هـــر پل آ سرمايو.
خوب پڙهو ۽ خوب لکو سپ،
ڄاڻ پنهنجيءَ کي روز وڌايـو.
موبائل رنگ ٽون وڄـايـــو،
بابا مون سان هـــو ڳالهايـــو.
پٽڙا مان پٽ شـــاهہ ۾ آهيان،
پٽ ڏٽيءَ جي سـامهون بيهي،
ڏٽيءَ اڳيان پيو ٽـــو ٻاڏايان.
سنڌ سڄي آبـــاد رهـــــي،
۽ گهرڙو پنهنجو شـــاد رهي.
سومر تي گهر مـوٽي ايندس،
تـــوکي هڪڙو تـحفو ڏيندس.
تحفو تنهنجي پيٽ ڏسي پـــوءِ
چـوندي واهہ واهہ ڳايو ڳايـو،
مـــــوبائل تي مئسيج آيـــو،
بـــارو، پنهنجو وقت بچايـــو.

هو جمالو

اسين سنڌي ٻـــارڙا سنڌ جا، هو جمالو،
اسان کـــي پڙهڻ تي ناز آ، هو جمالو،
پنهنجي ٻـــولي پي ممتاز آ، هو جمالو،
اسان جو شـــان پريو انداز آ، هو جمالو،
منهنجو جمـــالو ڪتاب ۾، هو جمالو،
اسان کي ڪتابن سان پيار لا، هو جمالو،
آهيون سنڌڙيءَ جو سينگار لا، هو جمالو،
اسين سنڌ جا هون معمار لا، هـــو جمالو،
منهنجو جمالو ڪتاب ۾، هـــــو جمالو،
اسان وٽ دنبورو هڪ ساز آ، هو جمالو،
شاهه لطيف جي هيءَ ايجاد آ، هو جمالو،
سنڌي ٽوپي پنهنجو شان آ، هـو جمالو،
سهڻو اجرڪ آهي سجاڻ لا، هـو جمالو،
مهين جو دڙو پي پهچان آ، هـو جمالو،
منهـنجو جمالو ڪتاب ۾، هـــو جمالو،
منهنجو جمالو جهاز ۾، هـــــو جمالو،
هـــــو جـمالـــو واهه واهه جمالـــو،
هـــــو جـمالـــــو واهه واهه جمالو.

مشڪرن جي ٽيم


ڪلو ڪلو سڀ جائي پائي،
مشڪرن آهي ٽيم بڻائي.

سرون رکي ٿا اسٽم ناهن،
سوٽيءَ کي ٿا بيٺ بڻائن،
رٻڙائي ٿا بال هلائن،
مئچ ۾ ڪائن پڳڙا لائي،
مشڪرن آهي ٽيم بڻائي.

سٽڻ متان ٽن شرٽون پاتل،
بوٽ گهٽن جا آهن قاتل،
وار اٽن برگر جيئن ڪاٽيل،
راند اچين ٿي ڪونہ ڪا ڪائي،
مشڪرن آهي ٽيم بڻائي.

پاڻ کي هي اسٽار ٿا پائن،
بابر، شعيب ۽ عامر سڏائن،
ڪو ٿو لڳي آفريدي جائي،
مشڪرن آهي ٽيم بڻائي،
مشڪرن آهي ٽيم بڻائي.

پاڻ ملهايون



اچو تہ ڪرڪيٽ ٽيم بڻايون،
سيني ساٿين کي کيڏايون.

ماجد ٽيم جو ڪيپٽن ٿيندو،
اسٽمپ بئٽ ۽ بال آڻيندو،
اصغر مئچ ٻڌي جڏهن ايندو،
مالڪ سائين ڪندو سٽايون.
اچو تہ ڪرڪيٽ ٽيم بڻايون،
سيني ساٿين کي کيڏايون.

ٽاس ڪٽي واري وڃنداسين،
چڪن تي چڪا هڻنداسين،
سنگل، ڊبل ۽ چونڪا ٺاهي،
ڏيڍ سئو ڪن اسڪور ڪنداسين،
مقرر اٺ اوور سيءِ کيڏي،

چو نہ پلا پوءِ دل بھلايون.
اچو تہ ڪرڪيٽ ٽير بڻايون،
سيني ساٿين کي کيڏايون.

فيلڊنگ جڏهن اسان جي ٽيندي،
ٽير مخالف کيڏڻ ايندي،
فاسٽ کان فاسٽ سپ بال هلائي،
ٽير سڃيءَ کي آئوٽ ڪنداسين،
مئچ کٽي، سهٽو کيڏي،
چو نہ پلا پوءِ پاڻ ملهايون.
اچو تہ ڪرڪيٽ ٽير بڻايون،
سيني ساٿين کي کيڏايون.



مشڪرن جي ٽيم

ڪانو ادا تون اوري آءُ،
اڇ، اڇ منهنجا ننڍڙا پاءُ.

شايد توکي بک لڳي آ،
مون پي ماني ڪونہ ڪاڏي آ،
امڙ ڏنو آ سڪو لولو،
اڇ اڇ گڏجي مونسان کاءُ.
ڪانو ادا تون اوري آءُ،
اڇ، اڇ منهنجا ننڍڙا پاءُ.

بابا ڪالهہ ڪان ڪر تي ويو آ،
پٽ جو ديڳڙو دم تي پيو آ،
امڙ چوي ٿي بابنهن ايندو،
ڳڙ منائي جام آڻيندو،
ٻرکي پٽ تي ڪائينداسين،
ڪونهي مون وٽ ٻوڙ پلاءُ.
ڪانو ادا تون اوري آءُ،
اڇ، اڇ منهنجا ننڍڙا پاءُ.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ ڀٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت ڀٽ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاپ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

پتڪڙن متن لاءِ "گيت گلڙن لاءِ"



استاد هجڙ دنيا جي عظيم پيشن مان هڪ پيشو آهي. استاد هاڙ جي نفسيات ۽ مزاج کي پرکيندي کيس پرورش ۽ ڏهني نشونما ڪري ٿو ۽ جڏهن اهو ئي استاد هاڙ جا جذبا ۽ احساس سمجهي پاڻ هاڙائي دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اهو شاعر ٿي پوي ٿو. شاعري جمالياتي جولڪت ۾ اظهار آهي. جيڪا هاڙ جي معصوم مرڪ ۾ بہ سمايل آهي تہ ڪائنات جي ڪهڪشائن ۾ ٻا اهڙو اظهار استاد گل دايو "گيت گلڙن لاءِ" ۾ ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ سنڌي هولي ۽ هاڙائو ادب تمام گهٽو ۽ معياري لکيو ويو آهي پر ان جي باوجود بہ هاڙائي جي ادب سرجڻ جي نسل در نسل ضرورت محسوس ٿيندي رهي آهي. هاڙائو ادب ويهين صديءَ تائين تہ زبردست لکيو پڙهيو ۽ چپيو ويو پر ايڪيهين صديءَ ۾ اهڙي ادب سرجڻ لاءِ وڃي چند ليک بچيا آهن. جيڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، يقين اهڙي صورتحال کي پرکيندي استاد گل دايو هي ڪتاب "گيت گلڙن لاءِ" هاڙائي ادب جي جهول ۾ وڃي جڙ تہ زخمن جي مرهم ڪري ورتي آهي. استاد گل دايو جو هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ هاڙائي ادب لاءِ هڪ شاهڪار ڪوشش آهي. اميد آهي تہ هاڙائي ادب ۾ هي ڪتاب گهربل مقبوليت ماڻيندو. ان سان گڏوگڏ نوجوان نهيءَ ۽ سينيئر ليکڪن کي هڪ دفعو ٻيهر هاڙائي ادب سرجڻ لاءِ ضرور اتساهيندو.

منظور شيخ
الله آباد_ لاڙڪاڻو.